# بسم الله جون برڪتون

سنڌي



پيشڪش: مجلس المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماء! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پ**


رسالي جو نالو: بِسْمِ اللّٰه شريف جون برڪتون
ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442 جنوري 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# بسم اللّٰه شريف جون برڪتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه**(دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


**بسم الله شريف جون برڪتون** ........................ 1

**دعاءِعطار** ........................ 1

**درود شريف جي فضيلت** ........................ 1

**عذاب کان حفاظت جي حڪايت** ........................ 1

**ڪفن تي لکڻ جو طريقو** ........................ 2

**بسم الله شريف جي فضيلت** ........................ 3

**”بسم الله“ سان ڪم شروع ڪرڻ جو سبب** ........................ 5

جلد1 ص29 ملتقطاً بتغير قليل) ........................ 5

**”اَعوذُ بِالله“ کي ”بسم الله“ کان** ........................ 5

**پهريان ڇو پڙهندا آهيون؟** ........................ 5

**زبان سڙڻ کان محفوظ رهندي** ........................ 6

**ٽي هزار نالا** ........................ 7

**”بسم الله جي برڪت“ جي تيرهن اکرن**

**جي نسبت سان** بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ **جا 13 مدني گل** ........................ 7

**کاڌي جو حساب** ........................ 10

ڪعبة الله جي اٺ اکرن جي نسبت ........................ 11

سان بسم الله شريف جا 8 ورد ........................ 11

**﴿1﴾ گهر جي حفاظت لاءِ** ........................ 11

**﴿2﴾ مٿي جي سور جو علاج** ........................ 11

**﴿3﴾ نڪسير اچڻ جو علاج** ........................ 12

**﴿4﴾ جنن کان سامان جي حفاظت جو طريقو** ........................ 12

**﴿5﴾ دشمني ختم ڪرڻ جو وظيفو** ........................ 12

**﴿6﴾ مرض کان شفاءَ جو وظيفو** ........................ 13

**﴿7﴾ چوريءِ اوچتي موت کان حفاظت** ........................ 13

**﴿8﴾ مصيبتن جي ختم ٿيڻ جو آسان ورد** ........................ 13

”مغفرت“ جي پنج حرفن جي نسبت ........................ 14
سان استغفار ڪرڻ جا 5 فضائل ........................ 14
﴿1﴾ دلين جي زَنگ جي صفائي ........................ 14
﴿2﴾ پريشانين ۽ تنگين کان نجات ........................ 15
﴿3﴾ خوش ڪرڻ وارو اعمالنامو ........................ 15
﴿4﴾ خوش خبري! ........................ 15
﴿5﴾ سَيدُ الاستِغفار جي فضيلت ........................ 16
بسم الله جي متعلق چند شرعي مسئلا ........................ 17
”بِسم الله ڪريو“چوڻ منع آهي ........................ 18
بسم الله چوڻ ڪڏهن سنت آهي ........................ 19
بسم الله پڙهڻ ڪڏهن ڪفر آهي ........................ 19
ڪچو بصر کائيندي وقت بسم الله نہ پڙهو ........................ 19
دارالافتاءِ اهلسنت جو هڪ اهم فتويٰ ........................ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# بسم اللّٰه شريف جون برڪتون

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”بسم الله شريف جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي جتي پڙهڻ منع نہ هجي اهڙي هر ڪم کان پهريان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي سعادت عنايت فرماءِ ۽ ان کان هميشہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، مُحمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن مون تي سؤ (100) ڀيرا درود شريف پڙهيو الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي تہ هيءُ نفاق ۽ جهنم جي باه کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهداء سان گڏ رکندو.

(مجمع الزوائد جلد 10 ص253، حديث: 17298)

مشکلیں اُن کی حل ہوئیں، قسمتیں اُن کی کُھل گئیں
وردِ جنھوں نے کر لیا صَلِّ علٰی محمد

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عذاب کان حفاظت جي حڪايت

فِقْه حنفي جي مشهور ۽ معروف ڪتاب ”دُرِّمُخْتَار“ ۾ آهي هڪ شخص مرڻ کان اڳ ۾ هي وصيّت ڪئي تہ مرڻ کان پوءِ منهنجي

سيني ۽ پيشانيءَ تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکي ڇڏجو. آخر ائين ئي ڪيو ويو پوءِ ڪنهن خواب ۾ ان شخص کي ڏسي حال پُڇيو، ان ٻُڌايو تہ جڏهن مون کي قبر ۾ رکيو ويو ۽ عذاب جا فرشتا آيا، جڏهن پيشاني تي بِسۡمِ اللّٰه لکيل ڏٺائون تہ چيائون تون عذاب کان بچي وئين! (الدرالمختار معه ردالمحتار ج 3 ص 156)

## ڪفن تي لکڻ جو طريقو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ ڪو مسلمان فوت ٿي وڃي تہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم وغيره ضرور لکندا ڪيو. توهان جي ٿوري توجهہ ويچاري مرڻ واري جي بخشش جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي. ۽ ميّت سان همدرديءَ جي نيڪي توهان جي ڇوٽڪاري جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿي. حضرت علامہ شامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا، ”هيئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ ميّت جي پيشانيءَ تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکو ۽ سيني تي لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکو، پر غُسل کان پوءِ ۽ ڪفن پارائڻ کان اڳ ۾ شهادت واري آڱر سان لکو، مس (INK) سان نہ. (ردالمحتارج 3ص 157) شجرو يا عهدنامو قبر ۾ رکڻ جائز آهي ۽ بهتر طريقو هيئن آهي تہ ڇهري جي سامهون قبلي ڏانهن پِٽ ۾ ننڍو سوراخ ڪري ان ۾ رکو بلڪ ”دُرِّمختار“ ۾ ڪفن تي عهدنامو لکڻ کي جائز چيو آهي ۽ فرمايائون تہ ان سان بخشش جي اميد آهي. (بهارِشريعت حصو 4 ص 108)

## بسم اللّٰه شريف جي فضيلت

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ **اميرالمؤمنين** حضرتِ سيّدُنا عثمان بن عفّان رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ نبين جي سلطان، سرور ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم جي فضيلت جي باري ۾ پڇيو تہ **اللّٰه** جي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هي **اللّٰه پاڪ** جي نالن مان هڪ نالو آهي ۽ **اللّٰه پاڪ** جي **اسم اعظم** ۽ هن جي وچ ۾ ايتري ويجهڙائپ آهي جيتري اک جي ڪارائڻ (ماڻڪي) ۽ اڇاڻ ۾ . (المستدرک للحاکم ج1 ص 738 رقم الحديث 2071)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **اسم اعظم** جون ڪيئي برڪتون آهن، **اسم اعظم** سان جيڪا دعا گهري وڃي اها قبول ٿيندي آهي. سرڪارِ **اعليٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جا والد سڳورا حضرت **رئيس المتڪلمين** مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ”ڪجهہ عالمن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم کي **اسم اعظم** چيو آهي. سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کان منقول آهي، بِسۡمِ اللّٰه عارف (يعني **اللّٰه پاڪ** کي سڃاڻڻ واري) جي زبان تي ائين آهي جيئن خالق عَزَّوَجَلَّ جي ڪلام مان ”ڪُنۡ“. (”ڪُنۡ“ يعني ” ٿي وڃ“). (احسن الوعاء ص6)

## اڌورو ڪم

سرڪارِ مڪّہٴ مڪرّمہ، سردارِ مدينہٴ منوّره صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو بہ **اهم** ڪم بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم سان شروع ناهي ڪيو ويندو اهو اڌورو رهجي ويندو آهي.“ (الدرالمنثور ج ١ ص ٢٦)

پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ برڪت داخل ڪرڻ جي لاءِ اسان کي پهريان بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ضرور پرهڻ گهرجي. کائڻ کارائڻ، پيئڻ پيئارڻ، رکڻ کڻڻ، ڌوئڻ، پچائڻ، پڙهڻ، پڙهائڻ، هلڻ (گاڏي وغيره) هلائڻ، ويهڻ ويهارڻ، بتي ٻارڻ، پکو هلائڻ، دسترخوان رکڻ کڻڻ، بسترو وڇائڻ ويڙهڻ، دڪان کولڻ، بند ڪرڻ، تالو کولڻ بند ڪرڻ، تيل وجهڻ، عطر لڳائڻ، بيان ڪرڻ، نعت شريف پڙهڻ، جُتي پائڻ، عمامو سجائڻ، دروازو کولڻ، بند ڪرڻ، مطلب تہ هر جائز ڪم جي شروع ۾ (جڏهن تہ ڪا شرعي ممانعت نہ هجي) بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهڻ جي عادت بڻائي ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ عين سعادت آهي.

تُو اَبدی ہے تُو اَزلی ہے تیرا نام عَلیم و عَلی ہے
ذات تری سب سے بَرتَر ہے یااللہ یااللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "بسم اللّٰه" سان قرآن ڪريم جي آغاز ڪرڻ جو سبب

حضرت علامہ احمد صاوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: قرآنِ ڪريم جي شروعات "بسم اللّٰه" کان انڪري ڪئي وئي تہ جيئن الله پاڪ جا ٻانها ان جي پيروي ڪندي هر چڱي ڪم جي شروعات "بسم اللّٰه" سان ڪن. (صاوي، الفاتحہ. جلد1 ص 15) ۽ حديث پاڪ ۾ بہ (چڱي ۽) اهم ڪم جي ابتدا "بسم اللّٰه" سان ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي.

## ”بسم اللّٰه“ سان ڪم شروع ڪرڻ جو سبب

عرب جا ڪافر پنهنجي هر ڪم کي پنهنجي ڪوڙن خدائن جي نالي سان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري ضروري ٿيو ته مسلمان پنهنجي هر ڪم کي الله پاڪ جي نالي سان شروع ڪري ته جيئن ڪافرن جي مخالفت ظاهر ٿئي ۽ ان مان هيءُ به معلوم ٿيو ته مُسلمان جو هر ڪم غير مسلمانن جي خلاف هئڻ گهرجي انهن سان محبت ۽ مشابهت تمام بري ڳالهه آهي. (تفسيرِ نعيمي، جلد1 ص29 ملتقطاً بتغير قليل)

چھوڑ دے سارے غَلَط رَسم ورَواج | سنتوں پر چلنے کا کر عہد آج
خوب کر ذِکرِ خدا و مصطفٰے | دل مدینہ یاد سے ان کی بنا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”اَعوذُ بِاللّٰه“ ۽ ”بسم اللّٰه“ کان پهريان ڇو پڙهندا آهيون؟

مُفَسّرِ قرآن حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:”اعوذ باللّٰه“ ۾ بُرن عقيدن ۽ بُرن عملن کي ڇڏي ڏيڻ آهي ۽ ”بسم اللّٰه“ (۾) سُٺن عقيدن ۽ عملن وغيره کي ربّ پاڪ کان حاصل ڪرڻ آهي ته ڄڻ اهو (اَعوذُ باللّٰه) پرهيز جي لاءِ هو ۽ هي يعني (بسم اللّٰه) علاج آهي ۽ پرهيز علاج تي مقدم (يعني پهريان هوندو) آهي پهريان بيماري کي دفع ڪيو پوءِ قوت وڌائيندڙ شين جو استعمال ڪيو. لهٰذا اعوذباللّٰه پهريان پڙهو ۽ بسم اللّٰه بعد ۾. (تفسيرِ نعيمه جلد1 ص 29 ملتقطاً)

## زبان سڙڻ کان محفوظ رهندي

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! غيبتن ۽ گناهن ڀرين ڳالهين کان رشتو ٽوڙيو ۽ اللّٰه پاڪ جي يادن، پياري پياري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعتن سان رشتو جوڙيو خوب درود و سلام جي لاءِ زَبان جو استعمال ڪيو ۽ خوب قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪيو ۽ ثواب جو گهڻو خزانو حاصل ڪيو. جيئن تہ ”روحُ البيان“ ۾ اها حديثِ قدسي آهي: جنهن هڪ ڀيرو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ڪي الحمد شريف سان ملائي (يعني بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ سورت ختم ٿيڻ تائين) پڙهيو تہ توهان گواهہ ٿي وڃو تہ مون ان کي بخشي ڇڏيو، ان جون تمام نيڪيون قبول ڪيون ۽ ان جا گناهہ مُعاف ڪيا ۽ ان جي زبان کي هرگز نہ ساڙيندس ۽ ان کي عذابِ قبر، عذابِ نار، عذابِ قيامت ۽ وڏي خوف کان نجات ڏيندس. (تفسير روح البيان ج1 ص9) ملائڻ جو وڏيڪ واضح طريقو ملاحظ فرمايو: بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡـمِلۡـحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ

رہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے ترے حبیب کا دیتا ہوں واسطہ یارب
گناہ بے عدد اور جرم بھی ہیں لاتعداد کر عفو سہ نہ سکوں گا کوئی سزا یارب

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد
تُوۡبُوۡا اِلَی اللّٰه اَسۡتَغۡفِرُ اللّٰه
صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽي هزار نالا

منقول آهي تہ الله پاڪ جا ٽي هزار نالا آهن هڪ هزار نالا سواءِ ملائڪن جي ڪوبہ نٿو ڄاڻي ۽ هڪ هزار نالا سواءِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلام جي ڪنهن کي معلوم ناهن ۽ ٽي سؤ توريت ۾ آهن، ٽي سؤانجيل ۾ آهن، ٽي سؤ زبور ۾ آهن ۽ نوانوي نالا قرآنِ ڪريم ۾ آهن ۽ هڪ نالو اهو آهي جنهن کي صرف الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو. پر بسم الله ۾ الله ڪريم جا جيڪي ٽي نالا آيا آهن (الله، رحمٰن ۽ رحيم) هنن ٽن نالن ۾ انهن ٽي هزار نالن جون معنائون پاتيون وڃن ٿيون تنهنڪري جنهن هنن ٽن نالن کان ربّ ڪريم کي ياد ڪيو ڄڻ اُن تمام نالن کان اُن کي ياد ڪيو. (تفسير نعيمي جلد1 ص 31)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "بسم الله جي برڪت" جي تيرهن اکرن جي نسبت سان بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جا 13 مدني گل

**مدينه 1**: حضرت سيدنا احمد بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **شمس المعارف (اردو) جي صفحي نمبر 37 تي لکن ٿا تہ**؛ جيڪو لاڳيتو ست ڏينهن تائين بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **786** پيرا (اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف) پڙهندو اِنْ شَآءَالله ان جي هر حاجت پوري ٿيندي. پوءِ اها حاجت توڙي ڪنهن ڀلائيءَ کي حاصل ڪرڻ جي هجي يا بُرائي ختم ٿيڻ جي يا ڪاروبار هلڻ جي. (شمس المعارف، مترجم، ص 37)

**مدينه 2**: **جيڪو** ڪنهن ظالم جي سامهون بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **50** پيرا **(اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف)** پڙهندو تہ ان ظالم جي دل ۾

پڙهڻ واري جي هيبت پيدا ٿيندي ۽ ان جي شـر کان بچيل رهندو. (ايضاً، ص 37)

**مدينه 3:** **جيڪو** شخص سج ايرڻ جي وقت سج جي طرف منهن ڪري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 300 ڀيرا ۽ درود شريف 300 ڀيرا پڙهي. الله پاڪ ان کي اهڙي جڳهه کان رزق عطا فرمائيندو جتان ان جو گمان بہ نہ هوندو ۽ (**روزانو پڙهڻ سان**) اِنۡ شَآءَالله هڪ سال جي اندر وڏو امير ٿي ويندو. (ايضاً، ص 37)

**مدينه 4:** **ذهن** جو ڪمزور جيڪڏهن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم **786** ڀيرا (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پي ڇڏي تہ اِنۡ شَآءَالله ان جو حافظو مضبوط ٿي ويندو ۽ جيڪا ڳالهہ ٻُڌندو ڪيس ياد رهندي. (ايضاً، ص 37)

**مدينه 5:** **جيڪڏهن** ڏڪار هجي تہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم **61** ڀيرا (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهو (پوءِ دعا گهرو) اِنۡ شَآءَالله برسات ٿيندي. (ايضًا ص 37)

**مدينه 6-7:** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ڪاغذ تي **35** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) لکي ڪري گهر ۾ لٽڪائي ڇڏيو اِنۡ شَآءَالله شيطان جو گذر نہ ٿيندو ۽ خوب برڪت ٿيندي جيڪڏهن دڪان ۾ لٽڪايو تہ اِنۡ شَآءَالله ڪاروبار خوب چمڪندو. (ايضًا، ص 38)

**مدينه 8:** پهرين محرم الحرام جو بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 130 ڀيرا لکي ڪري (**يا لڪرائي ڪري**) جيڪو بہ پاڻ وٽ رکي (**يا پلاسٽڪ**

**ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبرائي پائي**) تہ اِنْ شَآءَاللّٰه سڄي عمر ان ڪي يا ان جي گھر ۾ ڪنھن ڪي ڪا بُرائي نہ پھچندي.
(ايضًا، ص 38)

**مسئلو**: سون يا چاندي يا ڪنھن بہ ڌاتوءَ جي دٻليءَ ۾ تعويذ پائڻ مرد ڪي جائز ڪونھي. اھڙيءَ ريت ڪنھن بہ ڌاتوءَ جي زنجير چاھي ان ۾ تعويذ ھجي يا نہ ھجي مرد ڪي پائڻ ناجائز ۽ گناھ آھي. اھڙيءَ طرح سون، چاندي ۽ اسٽيل وغيرہ ڪنھن بہ ڌاتوءَ جي تختي يا ڪڙو جنھن تي ڪجھ لکيل ھجي يا نہ لکيل ھجي جيتوڻيڪ الله جو مبارڪ نالو يا ڪلمو طيّب وغيرہ اُڪريل ھُجي ان جو پائڻ مرد جي لاءِ ناجائز آھي، عورت سون، چانديءَ جي دٻليءَ ۾ تعويذ پائي سگھي ٿي.

**مدينہ 9**: **جنھن** عورت جا ٻار زندھ نہ رھندا ھجن اھا بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ 61 ڀيرا لکي ڪري يا (**لڪرائي ڪري**) پاڻ وٽ رکي (چاھي تہ موم جامو (ھڪ قسم جو ڪپڙو) يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبي گچيءَ ۾ پائي ڇڏي يا ٻانھن ۾ ٻَڌي.) اِنْ شَآءَاللّٰه ٻار زندھ رھندا. (ايضًا، ص. 38)

**مدينہ 10**: **گھر** جو دروازو بند ڪرڻ وقت ياد ڪري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙھي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه شيطان ۽ (**سرڪش جنات**) گھر ۾ داخل نہ ٿي سگھندا. (ماخوذ از؛ صحيح بخاري، ج. 3، ص. 591، حديث 5623)

**مدينہ 11**: **رات** جو ڪاڏي پيتي جا ٿانوَ بِسْمِ الله شريف پڙھي ڪري ڍڪي ڇڏيو، جيڪڏھن ڍڪڻ جي لاءِ ڪا شيء نہ ھجي تہ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ چئي ٿانوَن جي منھن تي ڪک وغيرہ رکي ڇڏيو. (ايضًا) **مسلم**

شريف جي هڪ روايت ۾ آهي، سال ۾ هڪ رات اهڙي ايندي آهي جو ان ۾ وبا (يعني بيماري) لهندي آهي جيڪو ٿانءُ ڍڪيل ناهي هوندو يا مشڪ (يعني کليءَ) جو منهن ٻَڌل ناهي هوندو جيڪڏهن اتان ڪان اها وبا گذرندي آهي ته ان ۾ داخل ٿي ويندي آهي. (مسلم شريف، ص. 1115، رقم الحديث، 2014)

**مدينه 12**: سمهڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري ٿي پيرا بستري کي چنڊي ونو اِنۡ شَآءَاللّٰه موذيات (يعني ايذاءُ ڏيڻ وارين شين) کان پناهه حاصل ٿيندي.

**مدينه 13**: ڪاروبار ۾ جائز ڏيتي ليتيءَ جي وقت يعني جڏهن به ڪنهن کان ونو ته بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهو ۽ جڏهن ڪنهن کي ڏيو ته به بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهو، اِنۡ شَآءَاللّٰه خوب برڪت ٿيندي.

**يا رب مصطفيٰ! اسان کي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪتن سان مالا مال فرماءِ ۽ هر نيڪ ۽ جائز ڪم جي شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي توفيق عطا فرماءِ. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم**

جو ہے غافل ترے ذکر سے ذوالجلال
اُس کی غفلت ہے اُس پر وبال و نکال
قعرِ غفلت سے ہم کو خدایا نکال
ہم ہوں ذاکر ترے اور مذکور تُو

## ڪاڏي جو حساب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو ڪاڏي جي هر گرهه تي بسم اللّٰه شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن ان کان هن ڪاڏي جو حساب ڪونه ورتو ويندو. (بستان العارفين للسمرقندي، ص344)

# كعبةالله جي اٺ اکرن جي نسبت سان بسم الله شريف جا 8 ورد

## ﴿1﴾ گهر جي حفاظت لاءِ

حضرت سيدنا امام فخرُالدّين رازي رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا ”جنهن پنهنجي گهر جي ٻاهرين دروازي (MAIN GATE) تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ لکي ڇڏيو آهي (فقط دنيا ۾) تباهيءَ کان بي خوف ٿي ويو چاهي ڪافر ئي ڇو نه هجي، ته پوءِ ان مسلمان جو ڇا حال هوندو جيڪو سڄي زندگي پنهنجي دل جي آئيني تي هن کي سجائي رکندو آهي.“ (تفسير ڪبير، ج. اول، ص. 152)

## ﴿2﴾ مٿي جي سور جو علاج

**جنتي صحابي، مسلمانن جي ٻئي خليفي** اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي **روم جي قيصر** بادشاهه خط لکيو ته مون کي دائمي مٿي جو سور رهندو آهي جيڪڏهن توهان وٽ ان جي دوا هجي ته موڪليو! حضرت سيدنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ان ڏانهن هڪ ٽوپي موڪلي ڏني. روم جو بادشاهه جڏهن ان کي پائيندو هو ته سندس مٿي جو سور ختم ٿي ويندو هو ۽ جڏهن لاهيندو هيو ته وري سور موٽي ايندو هُيس، ان کي ڏاڍي حيرت ٿي. آخرڪار ان ٽوپي کي اڌيڙيو ته ان مان هڪ ڪاغذ نڪتو جنهن تي لکيل هيو. بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ. (تفسيرِ ڪبير، ج. اول ص. 155)

دردِ دل کر مجھے عطا یارب دے مرے درد کی دوا یارب

## ﴿3﴾ نڪهير اچڻ جو علاج

جيڪڏهن ڪنهن کي نڪهير اچي ۽ رت وهڻ لڳي تہ شهادت واري آڱر سان پيشاني (يعني نرڙ) کان وٺي بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکڻ شروع ڪري نڪ جي آخري حصي تي ختم ڪري اِنۡ شَآءَاللّٰہ رت وهڻ بند ٿي ويندو.

## ﴿4﴾ جنن کان سامان جي حفاظت جو طريقو

حضرت سيدنا صَفوان بن سُلَيم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا، انسان جي ساز ۽ سامان ۽ ڪپڙن کي جنّ استعمال ڪندا آهن تنهنڪري توهان مان جڏهن بہ ڪو شخص ڪپڙا (پائڻ جي لاءِ) ڪٽي يا (لاهي) رکي تہ "**بسم اللّٰہ شريف**" پڙهي ونندو ڪري ان جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو مُهر آهي. (يعني بِسۡمِ اللّٰہ پڙهڻ سان جنّ انهن ڪپڙن کي استعمال نہ ڪندا)

(ڪتاب العظمة، ص. 426، حديث 1123)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ائين ئي هر شيءِ رکندي ڪٽندي بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. اِنۡ شَآءَاللّٰہ! شرير جنّن جي خيانت ڪرڻ کان حفاظت حاصل ٿيندي.

## ﴿5﴾ دشمني ختم ڪرڻ جو وظيفو

**جيڪڏهن** پاڻيءَ تي 786 ڀيرا بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري مخالف (**يعني دشمن**) کي پيارينڊؤ تہ اِنۡ شَآءَاللّٰہ مخالفت ڇڏي ڏيندو ۽ محبت ڪرڻ لڳندو ۽ جيڪڏهن دوست کي پيارينڊؤ تہ محبت وڌي ويندي.

(جنتي زيور، ص. 578)

## ﴿6﴾ مرض کان شفاءَ جو وظيفو

**جنھن** تڪليف يا بيماريءَ تي ٿي ڏينھن ٽائين سؤ (100) ڀيرا بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ دل کي حاضر ڪري پڙھي دم ڪيو وڃي اِنۡ شَآءَاللّٰه ان کان آرام اچي ويندو.

## ﴿7﴾ چور ۽ اوچتي موت کان حفاظت

**جيڪڏھن** رات جو سمھڻ وقت 21 ڀيرا بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙھي وٺو تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه مال ۽ سامان چوري ٿيڻ کان محفوظ رھندو ۽ اچانڪ **موت** کان بہ حفاظت رھندي. (جنتي زيور، ص. 579)

## ﴿8﴾ مصيبتن جي ختم ٿيڻ جو آسان ورد

**مولا مشڪل** ڪشا، جنتي صحابي حضرت سيدنا **علي المرتضيٰ** شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ سلطانِ مڪهءِ مڪرمه، تاجدارِ مدينهءِ منوره صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”اي علي! (رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ) مان توھان کي ڪجھ اھڙا جملا نہ ٻڌايان جيڪي توھان مصيبت جي وقت پڙھو. عرض ڪيم ضرور ارشاد فرمايو، اوھان تي منھنجي جان قربان، سيئي چڱايون مون توھان کان ئي تہ سکيون آھن.“ ارشاد فرمايائون، ”جڏھن توھان ڪنھن مشڪل ۾ اچي وڃو تہ ھيئن پڙھو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَلَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ

پوءِ الله ان جي برڪت سان جن بلائن کي چاھيندو ختم فرمائيندو“. اِنۡ شَآءَاللّٰه (عمل اليوم و الليلة لا بن سني، ص. 120)

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ بيماري، قرضداري، مقدمي بازي، دشمن جي طرفان ايذاء پهچڻ، بي روزگاري، يا ڪا بہ اوچتي مصيبت اچي پوي، ڪا شيءِ گم ٿي وڃي، ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌي صدمو پهچي، ڪو ماري، دل ڏکي پوي، ڌڪ لڳي، گاڏي خراب ٿي پوي، ٽريفڪ جام ٿي وڃي، ڪاروبار ۾ نقصان ٿي وڃي، چوري ٿي وڃي، مطلب تہ ننڍي يا وڏي ڪهڙي بہ پريشاني هجي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

پڙهندو رهڻ جي عادت ٺاهيو نيت صاف هوندي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه منزل آسان ٿي ويندي.

عفو فرما خطائیں مری اے عفو — شوق و توفیق نیکی کا دے مجھ کو تُو
جاری دل کر ہر دم ھو — عادت بد بدل اور کر نیک خُو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”مغفرت“ جي پنج حرفن جي نسبت سان استغفار ڪرڻ جا 5 فضائل

### ﴾1﴿ دلين جي زَنگ جي صفائي

جنتي صحابي، خادِمُ النبي، حضرت سيدنا اَنس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ دلنشين آهي: بيشڪ لوهہ وانگر دِلين کي بہ زَنگ لڳي ويندو آهي

۾ ان جي جِلاء (يعني صفائي) استغفارڪرڻ آهي. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 346، حديث 17575)

## ﴿2﴾ پريشانين ۾ تنگين کان نجات

صحابي ابن صحابي، جنّتي ابن جنّتي حضرت سيدنا عبد الله ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ شهنشاهِ خُوش خِصال، پيڪرِ حُسن و جمال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ دلنشين آهي: ”جنهن استغفار کي پاڻ مٿان لازم ڪري ورتو، الله پاڪ ان جي هر پريشاني دُور فرمائيندو ۽ هر تنگيءَ کان ڪيس راحت عطا فرمائيندو ۽ ان کي اهڙي جڳهہ کان رزق عطا فرمائيندو جتان ڪيس گمان بہ نہ هوندو“. (سنن ابن ماجه، ج. 4، ص. 257، حديث 3819)

## ﴿3﴾ خوش ڪرڻ وارو اعمالنامو

جنّتي صحابي، حضرت سيّدنا زبير بن عوام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي مڪرم، نُورِ مجسم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: جيڪو ان ڳالهہ کي پسند ڪري تہ تہ سندس اعمالنامو ڪيس خوش ڪري تہ تنهن کي گهرجي تہ ان ۾ استغفار جو اضافو ڪري. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 347، حديث 17579)

## ﴿4﴾ خوش خبري!

جنّتي صحابي، حضرت سيدنا عبد الله بن بُسر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ ”خوش خبري آهي ان جي لاءِ جيڪو پنهنجي

اعمال نامي ۾ استغفار جي ڪثرت ڪي ڏسي. (سنن ابن ماجه، ج. 4، ص. 257، حديث 3818)

## ﴿5﴾ سَيِدُ الاستِغفار جي فضيلت

جنّتي صحابي، حضرت سيدنا شداد بن اَوس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ هي ”سَيِّدُ الْاِسْتِغفار“ آهي.

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّیْ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ خَلَقْتَنِیْ وَاَنَا عَبْدُکَ وَاَنَا عَلٰی عَهْدِکَ وَوَعْدِکَ مَااسْتَطَعْتُ اَعُوْذُ بِکَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ اَبُوْءُ لَکَ بِنِعْمَتِکَ عَلَیَّ وَاَبُوْءُ بِذَنْبِیْ فَاغْفِرْلِیْ فَاِنَّهٗ لَا یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اَنْتَ

**ترجمو:** ”اي الله عَزَّوَجَلَّ! تون منهنجو رب آهين، توکان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، تو مونکي پيدا ڪيو، مان تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ وَس آهر تُنهنجي عَهد و پيمان (واعدي) تي قائم آهيان مان پنهنجي (بُري) اعمال جي شَر (فتني) کان تُنهنجي پناهہ گهران ٿو، تنهنجي جيڪا مون تي نعمت آهي انهيءَ جو اقرار ڪريان ٿو ۽ پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪريان ٿو، منهنجي بخشش فرماءِ جو تو کان سواءِ ڪوبہ گناهہ بخشي نٿو سگهي.“

جنهن هن کي ڏينهن جي وقت ايمان ۽ يقين سان پڙهيو پوءِ انهيءَ ڏينهن شام ٿيڻ کان پهريان سندس انتقال ٿي ويو تہ اُهو جنّتي آهي ۽ جنهن رات جي وقت هن کي ايمان ۽ يقين سان پڙهيو پوءِ صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ سندس انتقال ٿي ويو تہ اُهو جنّتي آهي. (صحيح البخاري، ج. 4، ص. 190، حديث 6306)

## بسم اللّٰه جي متعلق چند شرعي مسئلا

علماءِ ڪرام ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ جي متعلق شرعي مسئلا بيان ڪيا آهن، انهن مان چند هيٺ ڏجن ٿا:

(1) جيڪا ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ هر سورت جي شروع ۾ لکيل هوندي آهي، هيءَ پوري آيت ناهي ۽ جيڪا ”سُورة نمل“ جي آيت نمبر 30 ۾ آهي اها اُن آيت جو حصو آهي

(2) ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ هر سورت جي شروع جي آيت ناهي بلڪ پوري قرآن شريف جي هڪ آيت آهي جنهن کي هر سورت جي شروع ۾ لکيو ويو آهي ته جيئن ٻن سورتن جي درميان فاصلو ٿئي. انهيءَ ڪري سورت جي مٿان فاصلو ڪرڻ جي لاءِ ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ لکي ويندي آهي، آيتن جيان ملائي ناهي لکبو ۽ امام جهري نمازن(يعني اهي نمازون جن ۾ امام بلند آواز سان قراءت ڪندو آهي.) ۾ ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ آواز سان ناهي پڙهندو، پڻ حضرت جبريل جيڪا پهرين وحي آندي اُن ۾ ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ ڪانہ هئي.

(3) تراويح پڙهائڻ واري کي گهرجي تہ اهو ڪنهن هڪ سُورت جي شروع ۾ ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ آواز سان پڙهي تہ جيئن هڪ آيت رهجي نہ وڃي.

(4) تلاوت شريف ڪرڻ کان پهريان ”اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ

الرَّجِيۡم“ پڙهڻ سُنت آهي، پر جيڪڏهن شاگرد استاد ڪان قرآنِ ڪريم پڙهي رهيو هجي ته ان جي لاءِ سُنت ناهي. (صراط الجنان، ج1 ص 42)

## ”بِسم الله ڪريو“چوڻ منع آهي

**ڪي** ماڻهو هيئن چئي ڇڏيندا آهن،”بِسۡمِ اللّٰه ڪريو! **اچو سائين بِسۡمِ اللّٰه!** “مون بِسۡمِ اللّٰه ڪري ڇڏي.“ واپاري ماڻهو جيڪو ڏينهن ۾ پهريون سودو وڪڻندا آهن ان کي عام طور تي ”بُهڻي“ چيو ويندو آهي پر ڪجھ ماڻهو ان کي به بِسۡمِ اللّٰه چوندا آهن. مثلاً منهنجي ته اڄ اجان بِسۡمِ اللّٰه ئي نه ٿي آهي!“ جن جملن جا مثال پيش ڪيا ويا اهي سڀ غلط انداز آهن. اهڙيءَ طرح ماني کائڻ وقت جيڪڏهن ڪو اچي ويندو آهي ته اڪثر کائڻ وارو ان کي چوندو آهي اچو توهان به کائو ته عام طور تي جواب ملندو آهي، بِسۡمِ اللّٰه يا هيئن چوندو آهي،”بِسۡمِ اللّٰه **ڪريو!“ بهارِ شريعت جي** حصي16 جي صفحي 32 تي آهي ته، اهڙي موقعي تي بِسۡمِ اللّٰه چوڻ کي عالمن تمام سخت ممنوع قرار ڏنوآهي ها ائين چئي سگھو ٿا بِسۡمِ اللّٰه پڙهي کائي وٺو. بلڪ اهڙي موقعي تي دعا وارا الفاظ چوڻ بهتر آهي، مثلاً بَارَكَ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ يعني **الله پاڪ** اسان کي ۽ توهان کي برڪت ڏئي يا پنهنجي مادري ٻولي ۾ چئي ڇڏيو **الله پاڪ** برڪت ڏئي.

## بسم الله چوڻ ڪڏهن سنت آهي

اي عاشقانِ رسول! هر اهم ڪم جيئن ڪائڻ پيئڻ وغيره جي شروع ۾ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم" پڙهڻ سنت آهي ۽ نماز ۾ سورة فاتحه ۽ سورت جي وچ ۾، ۽ اٿندي ويهندي وقت "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم" پڙهڻ جائز و مستحب آهي. جڏهن ته نماز کان ٻاهر سورت جي وچان کان تلاوت ڪئي، شروع کان تلاوت جي وقت "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم" پڙهڻ مستحب آهي ۽ سوره توبہ جي درميان کان پڙهڻ وقت بہ اهو ئي حڪم آهي. (فتاويٰ فيض الرسول، جلد2 ص 506)

## بسم الله پڙهڻ ڪڏهن ڪفر آهي

**حرام** ۽ ناجائز ڪم کان اڳ ۾ بِسۡمِ الله شريف هرگز، هرگز، هرگز نہ پڙهي وجي جو "فتاوىٰ عالمگيري" ۾ آهي، "شراب پيئڻ وقت، زنا ڪرڻ وقت يا جُوا ڪيڏڻ وقت بِسۡمِ الله چوڻ ڪفر آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 273)

## ڪجهہ بصر ٿائيندي وقت بسم الله نہ پڙهو

**فتاويٰ فيض الرسول جلد** 2 **صفحو** 506 تي آهي: حقّو، بيڙي، سگريٽ چڪڻ (ڪچي) توم، بصر جهڙي شيءِ ڪائڻ وقت ۽ نجاست وارين جڳهن ۾ "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم" پڙهڻ مڪروه آهي.

احکامِ شرع پر مجھے دے دے عمل کا شوق     پیکر خلوص کا بنا یارب مصطفٰے

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي دنيا و آخرت سنوارڻ ۽ رضاءِ الٰهي ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ”دعوتِ اسلامي“ جي پياري پياري مدني ماحول سان وابسته ٿي عاشقانِ رسول سان گڏ سنتون سکڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سنتن پريو سفر ڪيو ۽ حقيقي عاشقِ رسول ۽ نيڪ مُسلمان بڻجڻ جي لاءِ ”نيڪ اعمال“ جو رسالو پريو الحمدلله! شيخ طريقت امير اهلسنت حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪ مسلمان بڻجڻ جي لاءِ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي لاءِ ڪيئي ڪمن تي مشتمل هي رسالو عطا فرمايو آهي ۽ ان جي اندر سوال نمبر 46 ۾”هرجائز ڪم“ کان پهريان ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ پڙهڻ جي ترغيب موجود آهي. الله پاڪ اسان کي سنتن تي عمل ڪرڻ“ بين کي سُنّتون سيکارڻ ۽ هن جي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪروں بے لوث خدمت سنتوں کی
شہا گر لطف مجھ پر آپ کا ہو
میں مدنی قافلوں ہی کا مسافر
رہوں اکثر کرم ایسا شہا ہو

## دارالافتاءِ اهلسنت جو هڪ اهم فتويٰ

**علماءِ ڪرام و مفتيانِ عظام** ڇا ٿا فرمائن هن مسئلي جي باري ۾ ته اڄڪلهه گهرن ۾ اٽيچ باٿروم هوندا آهن ۽ انهيءَ ۾ ماڻهو وضو به ڪندا آهن ته سوال اِهو آهي ته وضو کان پهريان اهڙي اٽيچ باٿروم ۾ بسم الله شريف پڻ دورانِ وضو جون دعائون ۽ وظيفا پڙهي سگهون ٿا. يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

عام طور تي اهڙي باٿروم ۽ ٽوائليٽ جي درميان ڪا ديوار، يا وڏو دروازو وغيره هن انداز ۾ ناهي لڳل هوندو جو جنهن سبب سان بئي مقام عليحده عليحده شمار ٿين تنهنڪري اهڙي اٽيچ باٿروم ۾ وضو ڪرڻ ڪان پهريان بسم الله شريف يا وضو دوران پڙهيون ويندڙ دعائون، وظائف نٿا پڙهي سگهو ۽ جيڪڏهن اٽيچ باٿروم اهڙي طرح نهيل آهي جو ٽوائليٽ ۽ باٿروم جي درميان ڪا ديوار، دروازو، يا لوهي يا ڪاٺ جي چادر، شيٽ لڳائي وڃي جنهن سان ٽوائليٽ ۽ باٿروم الڳ الڳ نظر اچي ته هاڻي باٿروم ۾ وضو ڪندي وقت ذڪر و وظائف ۽ دعائون پڙهي سگهو ٿا جو هاڻي اها نجاست جي جڳهه ناهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

